

# صدیق اکبر جو
# خوفِ خدا

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# صديقِ اڪبر جن جو خوفِ خدا

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ به جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف ڪي فضيلت

حضرتِ سَيدُنا ابو دَرداء رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ کان رِوايت آهي تہ مني مني آقا، مڪي مدني مُصطَفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: جيڪو شَخص صبح ۽ شام مون تي ڏهه ڏهه ڀيرا دُرُود شريف پڙهندو، قِيامت جي ڏينهن منهنجي شَفاعت ان ڪي ضرور ملندي. (الترغيب والترهيب، كتاب النوافل، الترغيب في آيات واذكار... الخ، 312/1، حديث:991)

چارۂ بے چارگاں پر ہوں دُرودیں صَد ہزار
بےکسوں کے حامی و غمخوار پر لاکھوں سلام

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** 1 بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو 2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀِجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُلُڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان به نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّکَ بِالۡحِکۡمَۃِ وَ الۡمَوۡعِظَۃِ الۡحَسَنَۃِ "ترجموڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَةً[2] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ آيت ئي هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهہ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ پڻ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## قريش جو خوش نصيب جوان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بِعثتِ نبوي کان پهريان ۾ اهلِ عرب جيان مڪي وارا بہ ڪُفر وشِرڪ ،ظُلم وسِتَم، وَحشَت ۽ بَربرِيت، بدڪاري ۽ شراب نوشي جهڙن ۾ ڪيترن ئي گناهن ۾ ڦاٿل هئا، هر پاسي جهالت ئي جهالت هئي ۽ ماڻهو هدايت جي راهہ تان ڀٽڪي چڪا هئا، پر انهي وقت بہ ڪيئي ماڻهو اهڙا پڻ هئا جيڪي انهن سيني گناهن کان نہ رڳو بيزار بلڪ حق جي ڳولها ۾ رهندا هئا، انهن ماڻهن مان هڪ اهڙو شخص پڻ هو جن

[2] ...بخاری، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،2/462،حديث:3461



www.dawateislami.net

جو شمار قريش جي اَشرافن ۽ سردارن مان هو ۽ سندن جي نيڪي نامي سبب ننڍا وڏا سيئي ان جي عزت ڪندا هئا، آخرڪار هڪ ڏينهن انهن ڪان اهڙو واقعو پيش آيو جنهن سندن جي زندگي ۾ انقلاب آندو ۽ جنهن حق جي ڳولها لاءِ ڪوشش ڪئي پئي اهو حق انهن کي ملي ويو، اچو قريش جي انهي عظيم شخص سان پيش ايندڙ واقعي کي سندن جي زباني ٻڌون ٿا، پاڻ فرمائن ٿا تہ:

مان ڪنهن ڪم سان يمن ويس، اتي منهنجي ملاقات هڪ وڏي عمر واري عالم سان ٿي، انهن  مون کي ڏسي چيو: منهنجو گمان آهي توهان حرم يعني مڪي شريف جا رهاڪو آهيو، مون جواب ڏنو: جي ها، مان حرم وارن مان ئي آهيان، ان چيو: توهان قريش مان آهيو، مون چيو: جي ها. مان قريشي آهيان، ان وري چيو: توهان تَيَمِيَ بہ آهيو، مون چيو: جي ها! مان تَيَم بن مُرَّةَ جي اولاد مان آهيان، ان چيو: سيئي نشانيون درست آهن، هاڻي رڳو هڪ نشاني باقي رهجي وئي آهي، مون چيو: اها ڪهڙي؟ ان چيو: ”پنهنجو پيٽ ڏيکار“، مون چيو: نہ، پهريان مون کي سچي ڳالھ ٻڌاءِ پوءِ مان پيٽ ڏيکاريندس، ان چيو: ”مون کي پنهنجي صحيح ۽ سچي علم جي ذريعي ڄاڻيان ٿو تہ حرم ۾ هڪ نبي ايندو ۽ بہ شخص ان نبي جي مدد ڪندا، انهن مان هڪ شخص جنگين ۾ فتح حاصل ڪرڻ ۽ مشڪلن کي حل ڪرڻ وارو هوندو ۽ ٻيو شخص سفيد رنگ جو ڪمزور ۽ ضعيف هوندو ۽ ان جي پيٽ تي تِر جو نشان هوندو ان جي کاٻي ران تي هڪ نشاني هوندي.“ جيئن مون پيٽ تان ڪپڙو کنيو تہ ان منهنجي دُن ڪان مٿي موجود هڪ ڪاري تِر کي ڏسي چيائين: ربِّ ڪعبہ جو قسم! توهان ئي اهي آهيو! آئون پاڻ اوهان وٽ اچڻ وارو هئس، مون چيو: ڇا جي لاءِ؟ انهن



www.dawateislami.net

چيو: اهو ٻڌائڻ جي لاءِ تہ توهان هدايت جي راهہ تان نہ هٽجو، ۽ الله تعالي اوهان کي جيڪا نعمت عطا ڪئي آهي انهي معاملي ۾ ڊڄندا رهجو، جڏهن آئون ان وٽان موڪلائڻ لڳس تہ ان چيو: منهنجا ڪجهہ شعر ٻڌو جيڪي مون ان (ايندڙ) نبي جي شان ۾ چيا آهن، پوءِ ان مون کي ڪجهہ شعر ٻڌايا، جڏهن مان واپس مڪي شريف پهتس تہ قريش جا ڪي واڦُڪار سردار عُقبَہ بن اَبي مُعَيط، شَيبَہ، رَبِيعَہ، ابو جَهل،اَبُو البَختَرِي وغيره مليا، انهن چيو: توهان يمن ويا هيو تہ هتي هڪ عظيم واقعو ٿيو آهي، ابوطالب جي يائيٽي اها دعويٰ ڪئي آهي تہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ جو نبي آهي جيڪڏهن اوهان نہ هجو هئا تہ اسان انهي معاملي ۾ اوهان جو انتظار نہ ڪيون هئا، پاڻ ۾ کو فيصلو ڪري ڇڏيون ها پر هاڻي اوهان اچي ويا آهيو تہ ان جو فيصلو اوهان تي آهي مون انهن جي ڳالهہ ٻڌي انهن کي سهڻي نموني واپس ڪيو ۽ پوءِ (حضرت) محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي باري ۾ پڇا ڪئي خبر پئي تہ اهي (حضرت) خَدِيجَہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنهَا جي گهر آهن، دروازو کڙڪايو تہ اهي ٻاهر نڪتا، مون عرض ڪيو: اي محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ! اوهان پنهنجي ابن ڏاڏن جو دين چو ڇڏيو آهي؟ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: بيشڪ مان اوهان ۽ بين سيني ماڻهن ڏانهن الله جو رسول آهيان، توهان الله تي ايمان آڻيو، مون عرض ڪيو: اوهان جي نُبوّت جو دليل ڇا آهي؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن غيب جي خبر ڏيندي ارشاد فرمايائون: منهنجي نُبوّت جي دليل اهو پوڙهو ماڻهو آهي جيڪو توهان کي يمن ۾ مليو هو، مون عرض ڪيو: اتي تہ آئون ڪيئي پوڙهن سان مليو هئس، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايائون تہ آئون ان پوڙهي جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان جنهن اوهان کي ڪي شعر ٻڌايا هئا،



www.dawateislami.net

مون (خوش ٿي محبت وچان) چيو: اي منهنجا محبوب! اوهان کي انهي ڳالھ جي خبر ڪنهن ڏني؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايائون: مون کي انهي مُعَظَّم فِرشتي خبر ڏني جيڪو مون کان پهريان اچڻ وارن نبين وٽ بہ ايندو هو، بس اهو ٻڌي آئون حيرت ۾ پئجي ويس ۾ پئجي ويس تہ واقعي انهي ڳالھ جو مون کان علاوه ڪنهن کي بہ علم نہ هو، يقينًا هي الله عَزَّوَجَلَّ جا سچا رسول آهن، مون هڪدم چيو: ”مان گواهي ڏيان ٿو تہ بيشڪ الله کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نہ آهي ۽ بيشڪ اوهان الله جا سچا رسول آهيو.“ پوءِ مان ڪجھ دير اتي ويهي واپس موٽي آيس ۽ منهنجي اسلام قبول ڪرڻ تي پوري علائقي ۾ خَاتَمُ المُرسَلِين،رَحمةٌ لِّلعٰلَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان وڌيڪ ڪير بہ خوش نہ ٿيو هو.

(اسد الغابه، باب العين، عبد الله بن عثمان ابوبڪر الصديق، اسلامه، 318/3 )

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سڀ کان پهريان اسلام قبول ڪرڻ وارو قريش جو اهو خوش نصيب شخص ٻيو ڪير نہ هو بلڪ خَليفۂِ اَوَّل، صِدّيقِ اَڪبَر، يارِ غار، اَمِيرُ المُؤمنين حضرتِ سَيدُنا ابُوبَڪر صِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ هئا. عالَمِ اسلام جي انهي عظيم شخصيت جي باري ۾ وڌيڪ ڪجھ ٻڌڻ کان پهريان عاشقِ صحابه و اهلِ بيت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن جي لکيل منقبت جا ڪي اشعار ٻڌون ٿا.

يقيناً مَنبعِ خوفِ خدا صِدّيقِ اکبر ہیں
حقیقی عاشقِ خیرُ الوریٰ صدّیقِ اکبر ہیں

نہایت مُتقی و پارسا صِدّیقِ اکبر ہیں
تقی ہیں بلکہ شاہِ اَتقیا صِدّیقِ اکبر ہیں

جو یارِ غار محبوبِ خدا صدّیقِ اکبر ہیں
وُہی یارِ مزارِ مصطَفٰے صدّیقِ اکبر ہیں



www.dawateislami.net

**صدیقِ اکبر جو خوفِ خدا**

امیرالمومنین ہیں آپ امامُ المسلمین ہیں آپ
نبی نے جنّتی جن کو کہا صدّیقِ اکبر ہیں

عمر سے بھی وہ افضل ہیں وہ عثمان سے بھی ہیں اعلیٰ
یقیناً پیشوائے مُرتَضٰی صدّیقِ اکبر ہیں

امامِ احمد و مالِک، امامِ بُو حنیفہ اور
امامِ شافِعی کے پیشوا صدّیقِ اکبر ہیں

تمامی اولیاءُ اللہ کے سردار ہیں جو اُس
ہمارے غوث کے بھی پیشوا صدّیقِ اکبر ہیں

سبھی عُلَمائے اُمّت کے، امام و پیشوا ہیں آپ
بِلا شک پیشوائے اَصفیا صدّیق اکبر ہیں

نہ ڈر عطّار آفت سے خدا کی خاص رحمت سے
نبی والی ترے، مُشکل کُشا صدّیقِ اکبر ہیں

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## سندن جو نالو ڪُنْيَت ۽ لقب

منا منا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سَيِدُنا اَبُوبَڪر صِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جو نالو عبدُاللهَ ۽ والد جو نالو (ابو قحافه) عُثمان آهي.(صَحيح ابن حبان، ڪتاب اخباره صلي الله عليه وسلم عن مناقب الصحابہ، ذڪر السبب الذي من اجل ...الخ، 6/9،حديث: 6825) سندن جي ڪُنيت اَبُوبَڪر آهي، واضح رهي ته پاڻ پنهنجي نالي نہ بلڪ ڪُنيت سان مشهور آهن ۽ سندن جي ڪُنيت ايتري تہ مشهور آهي جو عَوَامُ النَّاس هن کي سندن اصل نالو سمجهندا آهن جڏهن تہ نالو عبدُاللهَ آهي. (سيرت حلبيه، ذڪر اول الناس ايمانابه، 390/1) سندن جا بہ لقب گهڻا مشهور آهن ”عَتِيق“ ۽ ”صِدّيق“ ۽ عتيق اهو پهريون لقب آهي، جو اسلام ۾ سڀ کان پهريان انهي لقَب سان اوهان کي نوازيو ويو هو.

(رياض النضرة،الباب الاول،الفصل الثاني في ذڪراسمه،77/1)

## سندن ولادتِ باسعادت

سَيِدُنا صِدّيقِ اَڪبَر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ عام الفيل واري واقعي کان اَڍائي



www.dawateislami.net

سال پوءِ سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت ڪان ٻه سال ۽ ڪجھ مهينا پوءِ پيدا ٿيا. (الاصابه، 145/4، تاريخ الخلفاء،ص24، نور العرفان، پ26، الاحقاف: 15)

سندن جي پيدائش مڪي مڪرمه ۾ ٿي، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ صرف واپار جي غرض سان ٻاهر ويندا هئا، پنهنجي قوم جا وڏا مالدار، مهربان، سهڻي اخلاق وارا ۽ نهايت عزت ۽ شرف وارا هئا.

(اسد الغابة،باب العين، عبد الله بن عثمان ابوبڪر الصديق، 316/3، تاريخ الخلفاء، ص24)

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ائين ته سَيدُنا صِدّيقِ اَڪبَر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ هر اِعتِبَار سان معزز ۽ اَعليٰ آهن، اِمامت هجيِ يا خِلافت، ڪرامت هجي يا شَرَافت، صَدَاقت هجي يا شُجَاعت مطلب ته ڪنهن به اعتبار سان سندن ڪو مٽ نه آهي ۽ اوهان جي شخصيت ايتري ته با برڪت ۽ بَرگُزِيدَه آهي جو اوهان جي مبارڪ زندگي جي جنهن به باب تي ڳالھ ڪجي ۽ سندن جي عمده صفتن ۽ اعلي اخلاقن تي جيترو به ڳالهائجي اهو گهٽ آهي ۽ وقت به انهي جو احاطو نٿو ڪري سگهجي پر جيئن ته اڄ اسان جي بيان جو موضوع صِدّيقِ اَڪبَر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جو خَوفِ خُدا آهي انهي ڪري اوهان جي سامهون سندن جي خوفِ خدا جي باري ۾ ڪجھ مدني گل پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندس جيئن ته

## رسول الله جي فرمان سبب روئڻ

حضرتِ سَيدُنا زَيد بن اَرقَم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ فرمائن ٿا ته اسان هڪ ڀيري حضرتِ سَيدُنا اَبُوبَڪر صِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي بارگاھ ۾ ويٺا هئاسين ته پاڻي ۽ ماکي آندي وئي ۽ جيئن سندن جي ويجهو ڪئي وئي ته پاڻ زارو



www.dawateislami.net

قطار روئڻ شروع ڪري ڏنو ۽ روئندا رهيا ايستائين جو تمام صحابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان بہ روئڻ لڳا، صَحَابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان روئي ڪري ماٺ ٿي ويا پر پاڻ روئندا رهيا، صَحَابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان سندن ڪي ڏسي وري روئڻ لڳا، ايستائين جو صَحَابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان کي اهو گُمان ٿيو تہ اسان کي خبر نہ پوندي تہ ڳالهہ ڇا آهي.

نيٺ حضرتِ سَيدُنا ابُوبَڪر صِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ پنهنجا نيڻ اُگهيا تہ صَحَابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان جن عرض ڪيو اي رسولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا خليفه! اوهان کي ڪهڙي شيءِ روئاريو، فرمايائون: هڪ ڀيري آئون الله جي محبوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ ويٺو هئس تہ اوچتو مون ڏٺو تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پاڻ تان ڪا شيءِ پري ڪري رهيا آهن، جڏهن تہ مون کي ان وقت ڪا شيءِ نظر نہ اچي رهي هئي، مون عرض ڪيو: يارَسُولَ اللهصَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان ڪهڙي شيءِ کي هٽائي رهيا آهيو، فرمايائون: دنيا منهنجو ارادو ڪيو هو مون ان کي چيو تہ پري ٿي وڃ، تہ ان مون کي چيو: اوهان تہ پاڻ کي مون کان بچائي ورتو، پر اوهان کان بعد وارا مون کان نہ بچي سگهندا.“

(شعب الايمان ، باب في الزهد وقصر الامل، 343/7، حديث:10518)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ سَيدُنا صِدّيق اَڪبَر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ خوفِ خدا جي سبب ايترا رنا جو صَحَابہَ ڪرامعَلَيهِمُ الرِّضوَان سندن جي روئڻ واري اها حالت ڏسي نہ سگهيا ۽ اهي بہ سڏڪا ڀري روئڻ لڳا، پاڻ صرف انهي خوف جي ڪري روئي رهيا هئا تہ ڪٿي آئون بہ دنيا جي محبت ۾ ڦوڪي واري رونقن ۾ غافل ٿي پنهنجي پالڻهار جي نافرماني ڪري ويهان



www.dawateislami.net

۾ پوءِ منهنجو ربّ عَزَّوَجَلَّ مون کان ناراض ٿي وڃي، حالانڪ سندن جي اها شخصيت آهي جن کي پياري آقا مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا ئي ۾ جنّت جي بشارت عطا فرمائي هئي، پر انهي باوجود سندن تي خوفِ خدا جو غلبو هو ۽ بئي پاسي اسان آهيون جو اسان کي ڪا خبر ناهي جنّت ۾ وينداسين يا مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ جهنّم ۾ پر پوءِ به اسان بي خوف آهيون، اسان جو اعمال نامو نيڪين کان خالي آهي، پر انهيءَ باوجود اسان نيڪين جي جستجو نٿا ڪيون، اي ڪاش! اسان کي به خوفِ خدا نصيب ٿئي!

| | |
|---|---|
| دل مِرا دُنيا پہ شَيدَا ہوگيا | اے مِرےالله يہ کيا ہوگيا |
| کچھ مرے بچنے کی صُورت کيجئے | اب تو جو ہونا تھا مولٰی ہوگيا |

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## خوفِ خدا جو مطلب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوفِ خدا جو مطلب به ٻڌي وٺو خوفِ خدا مان مراد اها آهي ته الله تَعَالٰي جي بي نيازي، ان جي ناراضي ۽ ان جي پڪڙ ۽ ان جي طرفان ڏنل سزائن جو سوچي انسان جي دل گهبراهٽ (ڏپ) ۾ پئجي وڃي. (ماخوذ من احياء العلوم، کتاب الخوف والرجاء، ج4)

خَوفِ خُدَا مؤمنين جي لازمي صفتن مان آهي الله عَزَّوَجَلَّ قرآن مجيد ۾ ڪافي جڳهن تي ان صفت کي اپنائڻ جو حڪم فرمايو آهي جيئن ته سيپاري 5 سورة النساء ۾ ارشاد رب تعاليٰ آهي:

| | |
|---|---|
| وَ لَقَدْ وَصَّيْنَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَ اِيَّاكُمْ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ (پ5،النساء:131) | ترجموڪنزالايمان: بيشڪ اسان تاڪيد فرمائي ڇڏي آهي انهن کي جن کي توهان کان اڳ ۾ ڪتاب ڏنا ويا ۽ توهان کي به، ته الله کان ڏڄو. |



www.dawateislami.net

هڪ ٻي هنڌ تي ارشاد فرمايو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ قُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ﴿70﴾ ( پ22،الا حزاب: 70) | ترجموڪنزالايمان: اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ سڌي ڳاله چئو. |

اهڙي طرح اهو به ارشاد فرمايو:

| | |
|---|---|
| فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَ اخْشَوْنِ ( پ6، المائدة:3) | ترجموڪنزالايمان: توهان انهن کان نه ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو. |

اچو! هاڻي پياري آقا اَحمدِ مجتبيٰ، مُحمدِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي زبانِ حقِ تَرجُمان مان نڪرڻ وارن انهن پاڪ جملن کي به ٻڌون ٿا جن ۾ خوفِ خدا جي فضيلت بيان ڪئي وئي آهي.

1. حضرتِ سَيدُنا ابُو هُرَيره رَضِيَاللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ کان مروي آهي ته سروَرِعالَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو ته ”الله تعاليٰ فرمائي ٿو: ”مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! مان پنهنجي ٻانهي تي ٻه خوف جمع نه ڪندس، جيڪڏهن اهو دنيا ۾ مون کان بي خوف رهيو ته مان قيامت جي ڏينهن ان کي خوف ۾ مبتلا ڪندس ۽ جيڪڏهن اهو دنيا ۾ مون کان ڊڄندو رهيو ته قيامت جي ڏينهن ان کي امن ۾ رکندس.“ (شعب الايمان، باب في الخوف من الله تعاليٰ، 483/1،حديث:777 )

2. سَروَرِ عالَم، شَفِيع مُعَظَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ”جنهن مؤمن جي اکين مان الله عَزَّوَجَلَّ جي خوف سبب ڳوڙو نڪرندو آهي جيتوڻيڪ مک جي مٿي جي برابر هجي پوءِ اهو لڙڪ ان جي چهري جي ظاهري



www.dawateislami.net

حصي تائين پهتو تہ الله تعاليٰ ان کي جهنّم تي حرام ڪري ڇڏيندو آهي.“ (شعب الايمان، باب في الخوف من الله تعاليٰ، 490/1، حديث:802 )

3. رسولُ الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن مؤمن جي دل الله تعاليٰ جي خوف مان ڏڪندي آهي تہ ان جون خطائون اهڙي طرح ڇڻنديون آهي جيئن وڻ مان پن ڇڻندا آهن.“
(شعب الايمان، باب في الخوف من الله تعاليٰ، 491/1، حديث:803 )

تيرے ڈر سے سَدا تَهر تَهراؤں
خوف سے تيرے آنسو بہاؤں
کَيف ايسا دے، ايسی ادا کی
ميرے مولٰی تُو خَيرات ديدے

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي اسان کي بہ هر گهڙي خوف خدا سبب ڏڄڻ گهرجي، عاشِقِ اَڪبَر سَيِدُنا صِدّيقِ اڪبر رَضِیَاللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ بہ رب تعاليٰ جو گهڻو خوف رکڻ وارا هئا، اچو سندن َجا خوفِ خدا وارا ڪي قول ٻڌون ٿا، جيئن تہ

## ڪاش ! ابوبڪر بہ تو جيان هجي ها

حضرتِ سَيدُنا مُعَاذ بن جَبَل رَضِی اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ کان روايت آهي تہ حضرتِ سَيدُنا ابُوبَڪر صِدّيق رَضِی اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ هڪ باغ ۾ داخل ٿيا تہ وڻ جي ڇانو ۾ هڪ جهرڪي کيَ وينل ڏٺو تہ پاڻ رَضِی اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ جن هڪ پُردرد آہ ڪندي ارشاد فرمايائون: اي پکي تون ڪيترو نہ خوش نصيب آهين جو هڪ وڻ مان کائين ٿو ۽ ٻئي وڻ جي هيٺ ويهين ٿو، پوءِ تون بنا حساب ڪتاب جي پنهنجي منزل تائين پهچي ويندين، اي ڪاش ابوبڪر بہ تو جيان هجي ها.“

(ڪنز العمال، ڪتاب الفضائل، باب فضائل الصحابة،فصل في تفضيلهم، فضل الصديق، خوفه، جزء:12، 237/6، حديث:35696، شعب الايمان ، باب في خوف من الله، 485/1، حديث:788)



www.dawateislami.net

کاش کے نہ دنیا مِیں پیدا مَیں ہوا ہوتا
قَبر و حَشر کا ہر غم خَتم ہو گیا ہوتا
میں نہ پھنس گیا ہوتا آکے صُورتِ انساں
کاش! میں مدینے کا اُونٹ بن گیا ہوتا

## نيڪ مؤمن جو ڪووار هجان ها

حضرتِ سَيِدُنا ابُوعِمرَان جَونِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الغَنِي کان روايت آهي تہ حضرت سَيدُنا ابُوبَڪر صِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جن ارشاد فرمايو: ”ڪاش! مان هڪ نيڪ مؤمن جي پاسي جَو ڪو وار هجان ها.“ (ڪتاب الزهد، زهد ابي بڪر الصديق، ص138،رقم: 560)

تار بن گیا ہوتا مُرشِدِی کے کُرتے کا
مُرشِدِی کے سینے کا بال بن گیا ہوتا

## ڪاش ! مان هڪ وڻ هجان ها

حضرتِ سَيدُنا حَسَن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ کان روايت آهي تہ حضرت سَيدُنا ابُوبَڪر صِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جن فرمايو: ”خدا جو قسم! مان اهو پسند ڪيان تو تہ مان هڪ وڻ هجان ها جنهن کي ڪاٽيو ۽ وڍيو وڃي.“

(ڪتاب الزهد ، زهد ابي بڪر الصديق، ص141، رقم: 581)

میں بَجَائے اِنساں کے کوئی پودا ہوتا یا
نَخل بن کے طَیبَہ کے باغ میں کھڑا ہوتا

## ڪاش ! مان سبزو هجان ها

حضرتِ سَيدُنا قَتَادَہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ کان مروي آهي فرمائن تا مون کي اها خبر ملي آهي تہ هڪ ڀيري حضرتِ سَيدُنا ابُوبَڪر صِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جن ائين فرمايائون اي ڪاش مان ساوڪ (گاهہ) هجان ها جنهن کي جانور کائي وڃن ها.

(جمع الجوامع، مسند ابي بڪر الصديق، 41/11، حديث: 174،طبقات ڪبر ي ، ذڪر وصية ابي بڪر، 148/3)



www.dawateislami.net

گُلشَنِ مدینہ کا کاش! ہوتا مَیں سَبزہ
یا مَیں بَن کے اِک تِنکا ہی وہاں پڑا ہوتا

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هينئر اسان حضرتِ سَيدُنا ابُوبڪرصِدّيق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُ جا خَوفِ خُدا تي مُشتَمِل اَقوَال ٻڌا، اسان کي بہ گھرجيَ تہ سندن جي نقشِ قدم تي هلندي اسان پنھنجو مُحَاسَبَو ڪيون تہ اسان پنھنجي زندگي جا ڪيترائي ساھ ڪٽي چڪا آهيون، انهي فاني دنيا ۾ پنھنجي زندگي جا ڪيترائي ڏينهن گذاري چڪا آهيون ننڍپڻ، جواني، پوڙهائپ مان اسان پنھنجي عمر جا ڪيئي مرحلا طي ڪري چڪا آهيون، پر انهيءَ دوران اسان ڪيترا ڀيرا دل ۾ خوفِ خدا محسوس ڪيو، ڇا ڪڏهن اسان جي بدن تي بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ڊپ مان لرزو طاري ٿيو؟ ڇا ڪڏهن اسان جي اکين مان بہ ربّ تعالي جي خوف مان لُڙڪ نڪتا؟ ڇا ڪڏهن ڪنهن گناھ جي لاءِ ڪنيل اسان جا قدم ان جي بدلي ۾ ملڻ واري سزا جو سوچي ڪري واپس موٽيا؟ ڇا ڪڏهن اسان بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ حاضري ۽ ان طرفان ٿيڻ واري پڪڙ جي ڊپ مان ڪا رات گذاري آهي؟ ڇا ڪڏهن رب تعالیٰ جي ناراضگي جو سوچي اسان کي گناهن کان نفرت محسوس ٿي؟ ڇا ڪڏهن پنھنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ڪرڻ جي خواهش جي ڪري دل جي دنيا بدلي.........؟

جيڪڏهن جواب ها ۾ آهي تہ سوچيو جيڪڏهن اسان انهن ڪيفيتن کي محسوس بہ ڪيو تہ ڇا خوفِ خدا جي عملي تقاضائن تي عمل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي، يا رڳو انهن ڪيفيتن جي دل تي طاري ٿيڻ سان مطمئن ٿي وياسين تہ اسان الله تعاليٰ کان ڊڄڻ وارن مان آهيون ۽ مختلف



www.dawateislami.net

گناهن سان پنهنجو اعمال نامو ڪارو ڪرڻ وارا عمل بہ پهريان جيان جاري رکيا آهن، هاڻي جيڪڏهن انهن سوالن جا جواب نفي ۾ آهن تہ غور ڪيو، ڪٿي ائين تہ ناهي جو گناهن جي ڪثرت جي ڪري اسان جي دل پٿر جيان سخت ٿي چڪي آهي، جنهن سبب انهن ڪيفيتن کان اجا تائين محروم آهيون؟ جيڪڏهن واقعي ائين آهي تہ تشويش جي ڳالهہ آهي تہ اسان جي قساوتِ قلبي (يعني دل جي سختي) ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيڻ واري غفلت، ربِّ قهار جَلَّ جَلَالُهٗ جي ناراضگي جي صورت ۾ ڪٿي اسان کي جهنّم جي گهرائي ۾ نہ ڪرائي ڇڏي. (وَالعِياذُ بِاللّٰه)

قلب پتھر سے بھی سختی میں بڑھا جاتا ہے
دل پہ اِک خول سیاہی کا چڑھا جاتا ہے

## خوفِ خدا سبب شديد تڪليف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سيّدنا صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تہ اهڙا رَقِيقُ القَلب (يعني نرم دل) هئا جو سندن اکيان جڏهن تلاوتِ قرآن ڪئي ويندي هئي تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ تي ڏکڻي طاري ٿي ويندي هئي، سندن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ فرمائن ٿا مون ٻنهي جهان جي مالڪ ومختار مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ موجود هئس تہ قرآن پاڪ جي اها آيت سڳوري نازل ٿي:

| | |
|---|---|
| مَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا يُّجْزَ بِهٖ ۙ وَ لَا يَجِدْ لَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّ لَا نَصِيْرًا ﴿۱۲۳﴾<br>(پ5، النساء: 123) | ترجموڪنزالايمان: جيڪو برائي ڪندو ان جو بدلو ڏسندو ۽ اللّٰہ کان سواءِ نہ ڪو حمايتي لهندو نہ مددگار. |



www.dawateislami.net

نبي ڪريم، رَوفٌ رَّحِيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: اي ابوبڪر! ڇا مان توهان کي اها آيت نه ٻڌايان جيڪا مون تي هينئر نازل ٿي آهي، مون عرض ڪيو: جي ها ڇو نه يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اها آيت سڳوري تلاوت فرمائي جيئن مون اها آيت سڳوري ٻڌي ته (الله عَزَّوَجَلَّ جي خوف سبب) مون کي ائين لڳو ته منهنجي چيلھ جي هڏي ٽٽي ويندي مون تڪليف سبب انگڙائي (يعني پُني سڌي ڪئي) ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: "اي ابُوبَڪر! (گهٻرايو نه) توهان ۽ توهان جي مؤمن دوستن کي ان جو بدلو دنيا ئي ۾ ڏنو ويندو ايستائين جو توهان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سان اهڙي حالت ۾ ملاقات ڪندؤ جو توهان تي ڪو گناھ نه هوندو، پر ٻين ماڻهن جا گناھ جمع ٿيندا رهندا ايستائين جو انهن کي قيامت جي ڏينهن ان جو بدلو ڏنو ويندو.

(ترمذي، كتاب التفسير ، ومن سورة النساء، 31/5، حديث: 3050)

صدقه پيارے کي حَيا کا کہ نه لے مجھ سے حساب
بخش بےپُوچھے لَجائے کو لَجَانا کيا ہے

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اها حقيقت ڳالھ آهي جيڪو جيترو وڌيڪ خوف خدا رکڻ وارو هوندو اهو ايترو ئي وڌيڪ تقويٰ ۽ پرهيزگاري اختيار ڪرڻ وارو هوندو، سَيدُنا صِدّيقِ اَڪبَر رَضِيَاللهُ تَعَالٰى عَنهُ جو به اهو حال هو جو خوف خدا سان گڏوگڏ سندن وَڏا متقي ۽ پرهيزگار پڻ هئا .

## صِدّيق اڪبر جي زُهد ۽ تقويٰ تي قران جي شاهدي

حضرتِ سَيدُنا ابُوبڪر صِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ ته اهي مُتَّقِي آهن جن جي



www.dawateislami.net

تقوي کي خود قرآن عظيم بيان ڪري ٿو جيئن تہ سيپاري 30 سُورَةُ اللَّيل،آيت نمبر17ھ ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| وَ سَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقَى ﴿١٧﴾ | ترجموڪنزالايمان: ۽ ان (دوزخ) کان گهڻو پري رکيو ويندو جيڪو سڀ کان وڏو پرهيز گار آهي. |

انهي آيتِ مبارڪ ۾ سڀ کان وڏو پرهيزگار مان مُراد حضرتِ سَيدُنا ابُوبَڪر صِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ آهن.(خزائن العرفان، پ30، الليل، تحت الآية:17)

## زُهد ۽ تقويٰ ۾ عيسيٰ عَلَيهِ السَّلَام جيان

حضرتِ سَيدُنا ابُودَردَاء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ کان روايت آهي تہ مني مني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”مَنْ سَرَّهٗ اَنْ يَّنْظُرَ اِلٰى مِثْلِ عِيْسٰى فِى الزُّهْدِ فَلْيَنْظُرْ اِلَيْهِ يعني جيڪو زُهد ۽ تقويٰ ۾ حضرت عيسيٰ عَلَيهِ السَّلَام جي مثل ڪنهن کي ڏسڻ چاهي ٿو تہ اهو ابُوبَڪر صِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ کي ڏسي وٺي.“

(الرياض النضرة،الباب الاول، الفصل الثاني في ذكر اسمه، 82/1)

نہایت مُتَّقِی و پارسا صِدِّیقِ اَکبَر ہیں
تَقِی ہیں بلکہ شاہِ اَتقِیا صِدِّیقِ اَکبَر ہیں

## افسوس! تو مون کي هلاڪ ڪري ڇڏيو

شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه پنهنجي مايه ناز تصنيف ”فيضانِ سنّت“ جلد اول، صفحي 774 تي حضرتِ سَيدُنا ابُوبَڪر صِدّيق رَضِيَاللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو هڪ انوکو واقعو ڪجھ ائين تحرير فرمايو آهي:



www.dawateislami.net

هڪ ڀيري اميرالمؤمنين حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنهُ جي غلام ڀاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنهُ جي خدمت ۾ کير آندو. ڀاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنهُ ان کي پي ڇڏيائون. غلام عرض ڪيو: مان ڀهريان جڏهن بہ ڪا شيءِ پيش ڪندو هيس تہ اوهان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنهُ ان جي بابت پُڇندا هئا پر هن کير بابت ڪجهہ نہ پُڇيو؟ اهو ٻُڌي ڀاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنهُ پُڇيائون: هي کير ڪهڙو هو؟ غلام وراڻيو تہ مون جاهليت واري زماني ۾ هڪ بيمار تي منتر ڪيو هيو جنهن جي معاوضي ۾ اڄ ان هي کير ڏنو آهي. حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنهُ هي ٻُڌي پنهنجي ڳِچيءَ ۾ آڱر وجهي کير الٽي ڪري ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. ان کان پوءِ نهايت عاجزيءَ سان دربارِ الاهي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون: يا الله! عَزَّوَجَلَّ جنهن تي مان قادر هيس مون ڪري ڇڏيو. ان جو ٿورو حصو جيڪو رڳن ۾ رهجي ويو آهي مُعاف فرماءِ.

(بخاري،مناقب الانصار، ايام الجاهلية، حديث: 3842، ج 2، ص 571، منهاج العابدين، الفصل الخامس، البطن وحفظه، ص97)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! حضرتِ سيّدُنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنهُ ڪيڏا زبردست متقي هئا. ڪافر اڪثر ڪفريہ ڪلمات پڙهي ڪري مريضن تي جهاڙ ڦوڪ ڪندا هيا. جاهليت واري دؤر ۾ بہ اهڙيءَ طرح ٿيندو هيو، ان غلام جيئن تہ جاهليّت واري زماني ۾ دم ڪيو هيو، تنهن ڪري ان خوف جي سبب جو ان ڪفريہ منتر پڙهي دم ڪيو هوندو، ان جي اجرت جو کير سيّدُنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنهُ الٽي ڪري ڪڍي ڇڏيو. (فيضانِ سنت، جلداول، ص774)

يقيناً منبعِ خوفِ خُدا صِدِّيقِ اَکبَر ہیں
حقیقی عاشِقِ خیرالوریٰ صِدِّیقِ اَکبَر ہیں
نہایت متّقی و پارسا صِدِّیقِ اکبر ہیں
تَقِی ہیں بلکہ شاہِ اَتقیا صِدِّیقِ اکبر ہیں

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## فکرِ آخرت سان پرپور خطبو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! اسان هاڻي سَيِدُنا صِدّيقِ اَڪبَر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جو فڪرِ آخرت سان پرپور خُطبو ٻڌون ٿا ته جيئنَ اسان تي وڏيڪ ظاهر ٿئي ته سَيِدُنا صِدّيقِ اَڪبَر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ ڪيڏا نه نيڪ پرهيزگار ۽ خوف خدا ۽ فڪرِ آخرت رکڻ وارا هئا:

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 686 صفحن تي مشتمل ڪتاب "فيضانِ صِدّيقِ اَڪبَر" جي صفحي 436 تي آهي: حضرتِ سَيِدُنا عبدُالله بن عُڪَيم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ کان روايت آهي هڪ ڀيري حضرتِ سَيِدُنا ابُوبَڪر صِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جن هڪ ڏکهو خطبو ڏنو حمد ۽ ثنا کان پوءِ ارشاد فرمايائون: اي انسانو! آئون اوهان کي پرهيزگاري جي نصيحت ڪيان ٿو ۽ اها به ته توهان ان ذاتِ بَرحَق جي اهڙي طرح حمد ۽ ثنا ڪيو جهڙي طرح ان جي حمد ۽ ثنا ڪرڻ جو حق آهي، ۽ اهو ته توهان خوف خدا سان گڏ ان جي رحمت تي به نظر رکو ۽ ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ ٻاڏائي ڪري گهرو، ڇوته الله عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سَيِدُنا زَڪَرِيا عَلٰی نَبِيِنَا وَعَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ سندن خاندان وارن جي ساراهه ڪئي آهي جيئن الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّهُمۡ كَانُوۡا يُسٰرِعُوۡنَ فِى الۡخَيۡرٰتِ وَيَدۡعُوۡنَنَا رَغَبًا وَّرَهَبًا ؕ وَكَانُوۡا لَنَا خٰشِعِيۡنَ ﴿۹۰﴾ (پ17، الانبياء:90) | ترجموڪنزالايمان: بيشڪ اهي چڱن ڪمن ۾ جلدي ڪندا هئا، ۽ اسان کي پڪاريندا هئا اميد ۽ خوف سان ۽ اسان جي دربار ۾ گريو ۽ زاري ڪندا آهن. |

اي الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانهو! چڱي نموني سمجهو! الله تعاليٰ حق جي بدلي توهان جي جانين کي گِروِي رکيو آهي، ۽ انهيءَ تي توهان کان پڪو واعدو



www.dawateislami.net

پڻ ورتو آهي، ۽ آخرت جي بدلي ۾ توهان کان دنيا کي خريد ڪري ورتو آهي، اهو توهان جي رب جو ڪتاب آهي جنهن جو نور ختم نہ ٿو ٿئي، ان جا عجائبات ختم نٿا ٿين، ان جي قول جي تصديق ڪيو ۽ ان جي ڪتاب مان نصيحت حاصل ڪيو، توهان انهيءَ نور سان اونداهي وارن ڏينهن جي لاءِ روشني حاصل ڪيو، ان توهان کي پنهنجي عبادت جي لاءِ پيدا فرمايو آهي ۽ توهان تي كِرَامًا كَاتِبِين فِرشتن کي مُقَرَّر فرمايو آهي، جيڪي توهان جي عملن کان باخبر آهن، اي خدا جا ٻانهو! چڱي طرح ڄاڻي وٺو تہ توهان صبح ۽ شام موت ڏانهن وڌي رهيا آهيو، توهان کان موت جو علم پوشيده رکيو ويو آهي، جيڪڏهن توهان پنهنجي ڏنل وقت کي رب عَزَّوَجَلَّ جي رضا وارن ڪمن ۾ استعمال ڪري سگهو ٿا تہ ضرور ڪيو، پر اللہ عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي بنا توهان هرگز ائين نٿا ڪري سگهو ۽ موت اچڻ کان پهريان پنهنجي وقت کي چڱن ڪمن ۾ استعمال ڪيو، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اهو وقت توهان کي برن عملن ۾ مصروف ڪري ڇڏي ۽ ڪيئي قومون اهڙيون هيون جنن پنهنجي قيمتي وقت کي ضايع ڪيو ۽ پنهنجي مقصد کي وساري وينا انهيءَ ڪري اهڙن ماڻهن جي پيروي کان بچو، جلدي ڪريو ۽ نجات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو يقينًا توهان جي پويان نهايت تيز رفتار موت لڳل آهي، جيڪو جلد اوهان کي اچي رسندو.

(شعب الايمان، باب في الزهد وقصر الامل، فصل فيما بلغنا عن الصحابة...الخ، حديث: 10594، 364/7، مستدرک، كتاب التفسير، تفسير سورة الانبياء،حديث: 3499، 140/3)

یا ربّ! میں تیرے خوف سے روتا رہوں ہر دم
دیوانہ شَہَنشَاہِ مدینہ کا بنا دے

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! هن ڪان پهريان جو اسان جي ساھ جي لڙهي ٽٽي وڃي ۽ افسوس ڪان سواءِ اسان وٽ ڪجھ به نه رهي، اسان کي گهرجي ته پنهنجي آخرت جي بهتري جي لاءِ خوف خدا جهڙي عظيم صفت کي اپنائڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃون، ڇوته جيڪڏهن اسان پنهنجي اندر خوفِ خدا پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين ته انهي جي برڪت سان اِن شَآءَ الله عَزَّ وَجَلَّ گناهن کان ڇوٽڪارو پڻ نصيب ٿيندو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا پڻ نصيب ٿيندي خوف خدا جي انهي عظيم نعمت کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ عملي ڪوشش جي سلسلي ۾ اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اهي 6 عمل مددگار ثابت ٿيندا اچو ته وڏي ڏيان سان ٻڌون ٿا:

## خوفِ خدا حاصل ڪرڻ لاءِ 6 مددگار اُمور

1. رب تعاليٰ جي بارگاھ ۾ سچي توبه ۽ انهيءَ نعمت کي حاصل ڪرڻ جي دعا ڪرڻ.
2. قرآن عظيم ۽ حديث شريف ۾ ايندڙ خوف خدا جي فضيلتن کي سامهون رکڻ.
3. پنهنجي ڪمزوري ۽ ناتواني کي سامهون رکي جهنم جي عذابن تي غور ۽ فڪر ڪرڻ.
4. خوف خدا جي باري ۾ الله وارن جي احوال جو مطالعو ڪرڻ.
5. پنهنجي عملن جو محاسبو ڪرڻ جي لاءِ روزانو فڪرمدينه ڪرڻ.
6. اهڙن اسلامي ڀائرن جي صحبت اختيار ڪرڻ جيڪي انهي عظيم وصف سان مزين هجن.



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف رکڻ وارن نيڪ اسلامي ڀائرن جي صحبت ۾ ويهڻ بہ انسان جي دل ۾ رب تعاليٰ جو خوف پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي چوتہ انسان جنهن قسم جي صحبت اختيار ڪندو آهي انهي قسم جا اثر انهي تي ٿيندا آهن جيئن تہ:

نبي ذيشان، مڪي مدني سُلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهي پاسي اشارو ڪندي ارشاد فرمايو: سني ۽ خراب ساٿيءَ جو مثال، مُشڪ کڻڻ واري ۽ بٺي ٻارڻ واري جيان آهي، چوتہ مشڪ کڻڻ وارو توهان کي تحفو ڏيندو يا توهان ان کان خريد ڪندؤ يا توهان کي ان کان عمده خوشبوء ايندي، جڏهن تہ بٺيءَ ٻارڻ وارو يا تہ توهان جا ڪپڙا ساڙيندو يا توهان کي ان کان اٹوٹندڙ بوء ايندي." (صحيح المسلم، ص 1116، رقم الحديث 2628)

صحبت يا ماحول انسان تي ڪيئن ٿو اثر انداز ٿئي، هن کي ائين سمجهو تہ جيڪڏهن ڪنهن ميت واري گهر وڃڻ جو اتفاق ٿئي تہ اتي جي فضا ۾ ڇانيل اداسي ڏسي ڪجهه دير جي لاءِ اسان بہ غمگين ٿي ويندا آهيون ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي شادي تي وڃڻ جو اتفاق ٿئي تہ خوشين ڀريو ماحول اسان کي بہ ڪجهه دير جي لاءِ مسرور ڪري ڇڏيندو، بالڪل انهيءَ طرح جيڪڏهن ڪو شخص غفلت جو شڪار ٿي گناهن تي دلير ٿي وڃڻ وارن ماڻهن جي صحبت ۾ ويهندو تہ غالب گمان آهي اهو بہ جلدئي انهن جيان ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن ڪو شخص اهڙن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪندو جن جي دل خوف خدا سان معمور آهي، انهن جو اکيون الله عَزَّوَجَلَّ جي ڊپ سان روئن، تہ يقيني طور تي اهي ڪيفيتون ان شخص جي دل ۾ اثر انداز ٿينديون، اِن شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ. اها ڳالهہ تي هن زماني



www.dawateislami.net

۾ اهڙيون صحبتون ڪٿي ملي سگهن ٿيون تہ اوهان سان مدني التجا آهي تہ انهي سوال جو جواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ اوهان ڪجھ مدني گل پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائي ونو:

پنهنجي شهر ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شروع ڪان آخر تائين شرڪت ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيو، جتي تلاوتِ قرآن، نعتِ رسولِ مقبول، سُنّتن ڀريا بيان، ذِڪرُاللّٰه ، روئي روئي ڪري گهريون ويندڙ دعائون، سرور عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ پيش ڪيو ويندڙ درود و سلام، پوءِ سنتون ۽ آداب سکڻ ۽ دعائون ياد ڪرائڻ جا حلقا وغيره اهي سڀ اسان جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيندا، اِن شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. هن ڪان علاوه سنتن ڀرين هفتيوار اجتماع ۾ اوهان کي انهي پُر فِتن دور ۾ ڪافي عاشقان رسول اهڙا ملندا جيڪي سرڪار دو عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّتن جا پيڪر هوندا، انهن جون حياء سان جهڪيل نگاهون، سنّت جي مطابق بدن تي سفيد لباس ۽ مٿي تي زلف ۽ گُنبدِ خَضريٰ جي يادن سان مالا مال سبز سبز عمامو، چهري تي سنّت جي مطابق هڪ مُٺ ڏاڙهي، ضرورت مطابق گفتگو جو باادب انداز، خوش اخلاقي جو بهترين نمونو ۽ ڪردار جي سٿرائي، اوهان کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي مون کي آخرت جي سفر ۾ ڪاميابي جي لاءِ اهڙي مدني ماحول جي ضرورت آهي، ممڪن آهي انهن مان ئي ڪو اسلامي ڀائر وڌي ڪري اوهان سان ملاقات ڪري جنهن جي نتيجي ۾ اوهان دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي فائدن جا وڏيڪ قائل ٿي وڃو ۽ اوهان بہ اهو مدني مقصد ڪٺي گهر موٽيو تہ ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي، اِن شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ.“



www.dawateislami.net

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي صديق اکبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُ جي مبارک زندگي جي صدقي ۾ حقيقي خوف خدا ۽ عشق مصطفيٰ عطا فرمائي.

اٰمین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

مرے اشک بہتے رہیں کاش ہردم
ترے خوف سے یا خدا یا الٰہی !
ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ
میں تھر تھر رہوں کانپتا یا الٰہی!
(وسائل بخشش ص105)

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## بيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان خليفهٔ اوّل، صِدّيقِ اَڪبَر، يارِ غار و يارِ مزار، اَمِيرُ المُؤمنين حضرتِ سَيدُنا ابُوبَڪر صِدّيق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُ جي مُبارَڪ سيرت ۾ اهو ٻڌو ته پاڻ خوفِ خدا ۾ روئندا هئا، خوف خدا جي ڪري جهرڪي کي ڏسي فرمايائون: ڪاش ابوبڪر به تو جيان هجي ها! ڪڏهن خوف خدا جي ڪري ائين فرمايائون: ڪاش مان مؤمن جو وار هجان ها! ڪڏهن خوف خدا جي ڪري فرمايائون: ڪاش مان وڻ هجان ها! خوف خدا جي ڪري پيتل کير کي الٽي ڪري ڪڍي ڇڏيو، ڪاش! صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُ جي صدقي اسان کي به سچي توبه جي توفيق نصيب ٿئي، ڪاش! صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُ جي صدقي اسان کي به پنهنجي ڪمزوري ۽ ناتواني جو احساس ٿي وڃي، جهنّم جي عذابن جو تصور قائم ٿي وڃي، ڪاش! اسان پنهنجي عملن جو روزانو محاسبو ڪرڻ وارا ٿي وڃون.

اٰمین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم



www.dawateislami.net

خَوفِ خُدا جي باري ۾ وڌيڪ معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 160 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**خوفِ خدا**“ جو مطالعو ڪيو. خوفِ خدا جي موضوع تي اهو نهايت بهترين ڪتاب آهي، جنهن ۾ خوف خدا جون فضيلتون، ان کي حاصل ڪرڻ جا طريقا ۽ انهي موضوع تي بزرگن جا ڪافي اقوال ۽ واقعا ڪي جمع ڪيا ويا آهن، اوهان بہ انهي ڪتاب کي هَدِيةً حاصل ڪري نہ صرف پاڻ پڙهو، بلڪ پنهنجي عزيزن کي تحفي طور پيش ڪريو اِن شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب کي پڙهڻ سان خوفِ خُدا، تقويٰ ۽ پرهيزگاري جو انمول خزانو هٿ ايندو، سيدنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي سيرت جو هڪ پهلو اوهان جو بي پناه عشق رسول بہ آهي، اوهان جي عشق رسول وارن واقعن جو مطالعو ڪرڻ جي لاءِ شيخ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جو رسالو ”**عَاشِقِ اَڪبر**“ بيحد مُفيد آهي، جنهن ۾ صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي محبت رسول صَلَّی الله تعالٰی عليه واٰلهٖ وسلَّم جي خاطر پنهنجو تَن مَن ڌن قربان ڪرڻ جا احوال پڙهي اوهان جي اکين مان لڙڪ نڪري ايندا. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي خوف خدا ۽ عشق مصطفيٰ صَلَّی الله تعالٰی عليه واٰلهٖ وسلَّم جي دولت سان مالا مال فرمائي.

اٰمين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِيْن صَلَّی الله تعالٰی عليه واٰلهٖ وسلَّم

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## مدني قافلي ۾ سفر ڪيو!

منا منا اسلامي ڀائرو! خَوفِ خُدا ۽ عِشقِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دولت حاصل ڪرڻ جو هڪ طريقو عاشقان رسول سان گڏ سنتن جي



www.dawateislami.net

تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر بہ آهي مدني قافلن ۾ سفر جي دوران اسان کي پنهنجي طرز زندگي تي غور وفڪر ڪرڻ جو موقعو ملندو، پنهنجي آخرت کي بهتر کان بهتر بنائڻ جي خواهش پيدا ٿيندي، جنهن جي نتيجي ۾ اچ تائين ڪيل گناهن جي ارتڪاب تي شرمساري ٿيندي، گناهن تي ملڻ وارين سزائن جو تصور ڪري وار ايا تي ويندا. بئي پاسي پنهنجي ناتواني ۽ بيڪسي جو احساس پيدا ٿيندو ۽ جيڪڏهن دل زنده هئي تي خوف خدا جي ڪري اکين مان ازخود ڳوڙها نڪري ڳلن تي وهڻ لڳندا، انهن مدني قافلن ۾ مسلسل سفر ڪرڻ جي برڪت سان فحش گفتگو ۽ فضول گفتگو جي بدران زبان درود وسلام جي عادي ٿي ويندي ۽ اها زبان تلاوتِ قرآن ،حمدِ الٰهي اور نعتِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عادي بڻجي ويندي، دنيا جي محبت ۾ گرفتار دل آخرت جي بهتري جي لاءِ بي چين ٿي ويندي، ۽ وقت جي دولت کي صرف دنيا ڪمائڻ ۾ خرچ ڪرڻ بدران آخرت جي بهتري جي لاءِ دين جي خدمت ۾ خرچ ڪرڻ جو شعور نصيب ٿيندو. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن مدني قافلن بي شمار نوجوانن جي زندگي ۾ مدني انقلاب برپا ڪيو آهي انهي سلسلي ۾ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## بگڙيل نوجوان ڪيئن سڌريو؟

باب المدينہ (ڪراچي) جي علائقي محمود آباد (چنيسر ڳوٺ) جي رهائشي اسلامي ڀائر پنهنجي گناهن ڀري زندگي کان توبہ ڪرڻ جو احوال هن طرح بيان ڪيو آهي: بدقسمتي سان مون کي ننڍپڻ کان ئي خراب دوستن جو ساٿ مليو ويو "خراب جي صحبت انسان کي خراب ڪري ڇڏيندي آهي" جي مطابق آئون بہ مختلف برائين ۾ پئجي ويس، اسڪول مان ڀڄڻ، چوري، مار ڌاڙ، جهيڙو جهٽو ڪرڻ منهنجي زندگي جو حصو


www.dawateislami.net

ٻڌجي ويا، گناهن جو اهو سلسلو وڌندو رهيو ۽ آخرڪار مون پنهنجي دوستن سان گڏجي مُنشيات وڪڻڊڙن جي ٽولي ۾ شامل ٿي ويس. والدين مون کي سمجهائيندا هئا، پر مون وٽ انهن جي ڳالهين جي ڪا اهميت نه هئي، والدين منهنجي انهيءَ رويي سبب اڳ ۾ ئي پريشان هئا، وري هڪ ڏينهن مون هڪ جڳهه شادي جو مطالبو ڪري ڇڏيو، گهروارن اهو سمجهندي ته شايد اهو سُڌري وڃي منهنجي پسند جي شادي ڪرائي ڇڏي، پر آئون ايڏو جلدي سُڌرڻ وارو نه هئس، هاڻ هڪ قدم اڳتي ڪنيو جو چراس شراب پيئڻ سان گڏوگڏ ڌاڙا هڻڻ به شروع ڪيا، والدين جي نافرماني ۽ انهن کي ستائڻ منهنجي لاءِ ڪو نئون ڪم نه هو، ماء پيءُ مون کي لاڳيتو سمجهائيندا هئا، جڏهن ٻرن دوستن جو ساٿ ڇڏڻ جو چوندا هئا ته پنهنجي والدين کي ڇڏي ٻرن دوستن وٽ وڃي رهندو هئس، ۽ هفتو هفتو گهر ڏانهن نه موٽندو هئس، هر نئين ڏينهن منهنجي گناهن جو سلسلو وڌندو ويو، هاڻ آئون ناجائز اسلحو کڻي آڪڙجي هلندو هئس، بدڪاري ڪري ”ڪارو منهن“ ڪندو هئس، پهرين چا گهٽ گناهه هئا جو هاڻي شراب سان گڏوگڏ پاؤڊر پيئڻ، ننڍ واريون گوريون کائڻ به شروع ڪيون، گهر وارا سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ته انهن تي رعب ڪري انهن کان وڙهڻ شروع ڪندو هئس، ناراض ٿي ويندو هئس، مائٽ اوڙي پاڙي وارا مطلب ته هر هڪ منهنجي حرڪتن جي ڪري مون کان بيزار هو، ڪيئي ڀيرا والد صاحب مون کي ڏنڊن سان ماريو به، پر مون تي ڪو اثر نه ٿيو، منهنجي امڙ مون کان ايترو ته بيزار هئي جو اڪثر چوندي هئي ڪاش! تون پيدا نه ٿئي ها! ڪو چوندو هو ڪاش تو کي موت اچي وڃي ته جيئن اسان کي سک جو ساهه نصيب ٿئي، شادي جي نوَن سالن کان پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ مون کي نياڻي جي نعمت عطا



www.dawateislami.net

فرمائي، والدين کي هڪ آتت تي ته شايد هي هاڻي سُڌري وڃي چوته نياڻي جو اولاد ٿيڻ سبب وڏا وڏا سُڌري ويندا آهن، پر جڏهن منهنجي معاملن ۾ ڪو فرق نه آهيو ته انهن جا اها آس به نااميدي ۾بدلجي وئي، پوءِ وري ڇهن سالن کان پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ مون کي پٽ جو اولاد عطا فرمايو، پر آئون پوءِ به پراڻي عادتن تي قائم رهيس، آخرڪار منهنجي سڌرڻ جو ذريعو ائين بڻيو جو پيرسن والدين جي منٿن ۽ هڪ مبلغ دعوت اسلامي جي لاڳيتو انفرادي ڪوشش جي ڪري دعوت اسلامي جي راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ واري مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ٿي، مدني قافلي ۾ سفر چا ڪيو! منهنجي قسمت ئي چمڪي پئي، منهنجي خوش قسمتي جو امير قافله مون کي چڱي طرح سجاڻيندو هو انهن مون کي گهڻو سمجهايو، ڪڏهن مون کي حديثون ٻڌائي منهنجي غلطين جو احساس ڏياريندو هو، ڪڏهن والدين جو مقام مرتبو بيان ڪندو هو، ڪڏهن مختلف واقعا ٻڌائي نيڪين جي باري ۾ منهنجي همت وڌائيندو هو، زندگي ۾ پهريون پيرو مون کي پنهنجي غلطين جو احساس ٿيو، والدين سان ڪيل زيادتين جي ڪري اڄ آئون شرمسار ٿي رهيو هئس، گناهن جو ڀيانڪ سزائون ٻڌي پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ سيني گناهن کان توبه ڪئي ۽ پنهنجي اصلاح جي پڪي نيت به ڪئي، مدني قافلي جي دوران گهروارن سان رابطو ڪيو ماءُ پيءُ کان معافي گهري ۽ واعدو ڪيو ته هاڻي آئنده سڃا برا ڪم ڇڏي ڏيندس. گهر واپس موٽندي ئي سيني کان معافي گهري، خاص ڪري والدين جي پيرين پئي انهن کي راضي ڪيو، آهسته آهسته دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان مڪمل طور وابسته ٿي ويس، مٿي تي سبزسبز عمامي شريف جو تاج سجايو، هاڻي اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجا والدين مون کان گهڻا خوش آهن ۽ دعوت


www.dawateislami.net

اسلامي جا ٿورائتا آهن تہ جنهن جي برڪت سان مون گناهن ڀري زندگي کان توبہ ڪري سنتن ڀري زندگي ڏانهن مائل ٿيس. هي لکڻ مهل مدني تربيتي ڪورس ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان منهنجي دعا آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ مون کي مرڻ گهڙي تائين دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ استقامت عطا فرماءِ.

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## مجلس مدني مذاڪرو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي فَضل وڪَرَم سان دعوتِ اسلامي روز بروز تَرَقّي جون منزلون طئي ڪندي پئي وڃي ۽ ان جا شُعبَہ جات ۽ مجلسن ۾ بہ َ اضافو ٿيندو پيو وڃي، دعوت اسلامي جي شعبن مان هڪ شعبو ”مَجلِسِ مدني مذاڪرو“ بہ آهي.

چيو ويندو آهي تہ ”علم بي شمار خزانن جو مجموعو آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو سوال آهي. ”شيخِ طريقت، اَمِيرِ اَهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي انهي قول کي عملي جامو پارائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني مقصد جي تڪميل جي لاءِ سوال جواب جو هڪ سلسلو شروع ڪيو آهي، جنهن کي تنظيمي اِصطِلاح ۾ **”مدني مذاڪرو“** چيو ويندو آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت، اَمِيرِ اَهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه پنهنجي مخصوص انداز سان سنتن ڀرين بيانن ۽ علم ۽ حڪمت سان ڀرپور مدني مذاڪرن جي ذريعي ٿوري عرصي ۾ بي شمار مسلمانن جي دلين ۾ مدني انقلاب برپا ڪيو آهي، اوهان جي صحبت جي بابرڪت سان فائدو حاصل ڪندي ڪافي اسلامي ڀائر وقت بوقت مختلف



www.dawateislami.net

جاين تي ٿيندڙ مدني مذاڪرن ۾عقائد و اَعمال، فضائِل و مَنَاقِب، شريعت و طريقت، تاريخ وسيرت، سائنس وطِبّ، اَخلاقيات ۽ اِسلامي معلومات، معاشي، سماجي، تنظيمي معاملن ۽ ٻين ڪافي موضوعن جي باري ۾ مختلف قسم جا سوال ڪندا آهن ۽ شيخِ طريقت، اَمِيرِ اَهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه انهن کي حڪمت ڀريا ۽ عشقِ رسول سان لبريز جوابن سان نوازيندا آهن.

شيخِ طريقت،اَمِيرِ اَهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جي انهن عطا ڪيل دلچسپ ۽ علم ۽ حڪمت ڀرين عظيم ارشادن جي مدني گلن جي خوشبوئن سان سڄي دنيا جي مسلمانن کي مهڪائڻ جي مقدس جذبي جي تحت مجلس مدني مذاڪره انهن مدني مذاڪرن کي تحرير يا آڊيو يا وڊيو گلدستن ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهي آهي، اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ تائين مجلس مدني مذاڪره اٽڪل 319 آڊيو ڪيسٽ وڊيو سي ڊيز ۽ 5 تحريري مدني مذاڪرا پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري چڪي آهي ۽ وڌيڪ ڪوششون جاري آهن. انهن مدني مذاڪرن کي ٻڌڻ سان عقائد و اعمال ۽ ظاهر ۽ باطن جي اصلاح، محبتِ الهي ۽ عشقِ رسول جي لازوال دولت سان گڏوگڏ نہ صرف شرعي، طبّي، تاريخي ۽ تنظيمي معلومات جو انمول خزانو هٿ ايندو آهي بلڪ مزيد علم حاصل ڪرڻ جو جذبو بہ بيدار ٿيندو آهي.

## ٻارهن مدني ڪمن ۾ حصووٺو

دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀري مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ وارا اسلامي ڀائر ٻين مدني ڪمن سان گڏوگڏ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺندا آهن، ذيلي حلقن جي 12 مدني ڪمن ۾ هڪ ڪم هفتيوار مدني مذاڪرو بہ آهي، مدني مذاڪرو ڪا نئي شيءِ نہ آهي بلڪ


www.dawateislami.net

قرآن پاڪ جي تعليمات ۽ مني مني مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنت جي عين مطابق آهي. جيئن الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۵﴾ (پ27،الذّٰريات:55) | ترجموڪنزالايمان: ۽ سمجهاءِ جو سمجهائڻ مسلمانن کي فائدو ڏي ٿو. |

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني مذاڪري ۾ بہ اَمِيرِ اَهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه پنهنجي صحبت ۾ ويهڻ وارن ۽ مدني چينل جي ناظرين جي اصلاح سان گڏوگڏ انهن جي تربيت ۽ مختلف موضوعن مثال طور عقائد و اعمال، شَرِيعَت وطريقت، فقه وطب، تاريخ وآثار، اَوراد و وَظَائف، گهريلو ۽ سماجي مسئلن ۽ تنظيمي مشڪلاتن جي باري ۾ پڇيل سوالن جا جواب بہ ارشاد فرمائن ٿا، ڏنو وڃي تہ مدني مذاڪرو وڏي نعمت آهي انهي ذريعي اسان کي هڪ ڪامل ولي جي بابرڪت صحبت نصيب ٿيندي آهي ۽ علم جي راهہ ۾ سفر ڪرڻ علم دين جي محفل ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ مسجد ۾ وقت گذارڻ جي ڪري اجر وثواب جو خزانو هٿ ايندو آهي.

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (3)

---

[3]...مشڪاة الصابيح،ڪتاب الايمان،باب الاعتصام بالڪتاب والسنة،97/1،حديث:175



www.dawateislami.net

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

# ”ڪاش جنت البَقِيع ملي“ جي پندرهن اکرن جي نسبت سان سمهڻ جاڳڻ جا 15 مدني گل پڙهو!

## سمهڻ جاڳڻ جا 15 مدني گل

﴿1﴾ سمهڻ کان اڳ ۾ بستري کي چڱي طرح ڇنڊيو ته جيئن ڪا ايذاءُ ڏيندڙ شيءِ وغيره هجي ته نڪري وڃي ﴿2﴾ سمهڻ کان اڳ هيءَ دعا پڙهي وٺو: اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَ اَحْيٰ ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان تنهنجي نالي سان ئي مران ٿو ۽ جيان ٿو (يعني سمهان ٿو ۽ جاڳان ٿو) (بخاري، حديث 6325 ج 4 ص 196) ﴿3﴾ عصر کان پوءِ نه سمهو عقل ختم ٿيڻ جو ڊپ آهي. فرمان مصطفي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو شخص عصر کان پوءِ ستو ان جو عقل ختم ٿي ويو ته پاڻ کي ملامت ڪري.“ (مسند ابي يعليٰ ج 4 ص 278 حديث 4897) ﴿4﴾ ٻنپهرن جو قيلولو (ڪجهه دير ليٽڻ) مستحب آهي. (عالمگيري ج 5 ص 376) صدرُالشَّريعه، بدرُالطريقه حضرت علامه مولانا محمد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِي فرمائن ٿا: غالباً هي انهن ماڻهن جي لاءِ هوندو آهي جيڪي رات جو جاڳندا آهن، رات جو نمازون پڙهندا آهن، ذِڪر الٰهي ڪندا ۽ ڪتاب پڙهڻ يا مطالعو ڪرڻ ۾ مشغول رهندا آهن ته جيئن رات جو جاڳڻ ۾ جيڪا ٿڪاوٽ ٿي سا قيلولي سان ختم ٿي وڃي. (بهارشريعت ج 3 ص 435) ﴿5﴾ ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ سمهڻ مڪروه آهي. (عالمگيري ج 5 ص 376)



www.dawateislami.net

﴿6﴾ سمهڻ لاءِ مستحب اهو آهي تہ پاڪائي سان سمهي ۽ ﴿7﴾ ڪجھ دير ساڄي پاسي هٿ ڳل جي هيٺان رکي قبلي ڏانهن منهن ڪري سمهي ۽ ان کان پوءِ کاٻي پاسي سمهي. (ايضا) ﴿8﴾ سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪري تہ اُتي اڪيلو سمهڻو پوندو عملن کان سواءِ ڪير بہ گڏ نہ هوندو ﴿9﴾ سمهڻ وقت ياد خدا ۾ مشغول هجي، تهليل، تسبيح ۽ تحميد پڙهي. (يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ ، ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ جو وِرد ڪندو رهي) ايستائين جو سمهي پوي انسان جنهن حالت تي سمهندو آهي اُن تي ئي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي اُن تي ئي قيامت جي ڏينهن اٿندو. (ايضا) ﴿10﴾ جاڳڻ کان پوءِ هي دعا پڙهو: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَحْيَانَا بَعْدَ مَآ اَمَاتَنَا وَ اِلَيْهِ النُّشُوْرُ . (بخاري حديث 6325، ج 4 ص 196) ترجمو: سڀ تعريفون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ کان پوءِ زنده ڪيو ۽ انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي. ﴿11﴾ انهي وقت پڪو ارادو ڪري تہ پرهيز گاري ۽ تقويٰ اختيار ڪندو، ڪنهن کي بہ نہ ستائيندو. (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 376) ﴿12﴾ جڏهن ڇوڪري يا ڇوڪرِيءَ جي ڄمار ڏھ سال ٿئي تہ انهن کي الڳ الڳ سمهارڻ گهرجي بلڪ ان ڄمار جو ڇوڪرو ايڏي وڏي (يعني پاڻ جيڏن) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان گڏ نہ سمهي. (درمختار و رد المحتار ج 9 ص 629) ﴿13﴾ مڙس زال جڏهن کٽ تي گڏ سمهن تہ ڏھ سال جي ٻار کي پاڻ سان گڏ نہ سمهارين، ڇوڪرو جڏهن حد شهوت کي پهچي تہ اُهو مرد جي حڪم ۾ آهي. (درمختار ج 9 ص 630) ﴿14﴾ ننڊ مان سجاڳ ٿي ڏندڻ ڪريو ﴿15﴾ رات جو ننڊ مان سجاڳ ٿي تهجُّد ادا ڪريو تہ وڏي سعادت آهي. سرڪار مدينہ راحت قلب و سينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”فرض کان بعد افضل نماز رات جي نماز آهي.“ (صحيح مسلم ص 591 حديث 1163)



www.dawateislami.net

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جا شايع ٿيل ہہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سُنتیں سیکھنے تین دِن کے لیے — ہر مہینے چلیں قافلے میں چلو
علم حاصل کرو جہل زائل کرو — پاؤ گے رفعتیں قافلے میں چلو

صَـلُّوا عَـلَي الـحَبِيب! — صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُـحَـمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، (4)

[4] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا



www.dawateislami.net

## (2) سمورا گُناهہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[5]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[6]

## (4) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَاللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو : انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن.[7]

---

5 ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

6 ...القول البديع،الباب الثانى، ص277،

7 ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فى کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## (5)ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هک ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[8]

## (6)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هک ڏينهن هک شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَ سَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي کري صَحابَہ کرام رَضِیَاللّٰہُ تَعَالٰی عَنہُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص کير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرکار مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاک پڙهندو آهي ته ائين پڙهندو آهي.[9]

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلي مُحَمَّد

---

[8] ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

[9] ...القول البديع،الباب الاول،ص125



www.dawateislami.net